# سنڌي ساهت سڀا

پترو نمبر ١.

# سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن ٿو ڦيرايو وڃي!

قيمت هڪ ٽڪو

لکندڙ:-

جيٺمل پرسرام

# ٻه اکر

٩ ڊسمبر ١٩٤٠ تي حيدرآباد ۾ سنڌي ساهت سڀا کولي وئي آهي، جنهن جا متا هيٺيان آهن:-

(١) سنڌي ٻولي ۽ ساهت (ادب) جي ترقي.

(٢) لپي ۽ سڀاويڪ سنڌيءَ کي قائم رکڻ.

(٣) سنڌي سڀيتا (تهذيب) جي کوجنا.

سڀا جا ڪيترا ميمبر ڏينهون ڏينهن ٿي رهيا آهن، ۽ اميد ٿي ڪجي ته جلد سڄيءَ سنڌ ۾ پڻ اهڙيون سڀائون کوليون وينديون. انهيءَ سڀا جي سهاري همت هيءَ پهريون پترو سڀا جي پريزيڊنٽ صاحب جو لکيل پڌرو ٿو ڪجي.

٢٠ ڊسمبر ١٩٤٠

موتيلعل لڇيرام ٻناڻي
سيڪريٽري

# سنڌي ٻوليءَ کي ڪٿان ٿو ڦيرايو وڃي!

(چيتنمل پرسرام)

ڪي سمجهه ٿا چون ته سنڌي ٻوليءَ تي ڪات ڪهاڙا اهڙا ڪين ڪيا ويا آهن، جهڙو پڌرائي تي رهي آهي. ۽ اِن باري ۾ وڏي چونڀڙي لڳي رهيو آهيان، پر هينئر رڳو سنڌ جي ماڻهن لاءِ هينيان ٽڪرا ڊاڪٽر داؤد پوٽي جا هوبهو لکيل پڙهندڙن اڳيان پيش ٿا ڪجن ته ڏسن ته پاڻ وٽ ڪهڙي سنڌي تي ٻاڙهي وڃي. ۽ نه عربيءَ جو دشمن آهيان، نه سنسڪرت جو پوڄڪ آهيان، مونکي ٻنهي ٻولين لاءِ عزت آهي؛ پنهنجي سر ٻئي خاصيون آهن. سنڌي اصل ۾ عربي ٻولي نه آهي؛ تنهن نسبت خود ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب پنهنجي شاهه جي رسالي ۾ لکي ٿو:- ”در حقيقت سنڌيءَ جو عربيءَ ۽ فارسيءَ سان بنيادي لاڳاپو اهڙو آهي جهڙو سنڌيءَ جو چيني ۽ جپاني سان.“ پر مشهور ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ٻين ڄاڻو صاحبن جي چوڻ موجب سنڌي، ٻين هندستاني ٻولين مرهٽي، گجراتي، بينگالي، هندي، جي به سنسڪرتي آهن، تنهنڪان

سنسڪرت کي ويجهي ۾ ويجهي ٻولي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ ٻه شبد (لفظ) گهڻي ۾ گهڻا سنسڪرتي آهن. خود شاهه جي رسالي ۾ ويهن هزارن لفظن مان ۱۲ هزار سنسڪرتي چيا وڃن ٿا، ۴ هزار عربي ۽ ۳½ هزار پارسي.

سنڌيءَ ۾ سنسڪرتي، عربي ۽ پارسي، ۽ هاڻ يوروپي لفظ هڪ سياويڪ نموني ۾ سنڌي روپ وٺي پيا آيا آهن. اهو ٻوليءَ جي ڦيري جو لڇ نيم آهي؛ انهي ۾ ڪنهنکي به اعتراض ٿي نٿو سگهي. پر جنهن نموني ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽو جو پڙ اساڻي تعليم کاتي جو "ڊي - پي - آءِ" آهي، سنڌيءَ جي بنياد ۽ بيهڪ کي بدلائي رهيو آهي تنهن لسبت هيٺ هوبهو مثال ڏجن ٿا. ڪاليج جي چوٿيءَ ڪان وٺي پاراٺي ڪلاس تائين هيءَ ڪارروائي هليل آهي:-

"ابهاس سنڌي" بي اي پڙهندڙن لاءِ ۱۹۴۱-۱۹۴۰ جي امتحان ۾ رکيل درسي ڪتاب؛ تنهن جو پهريون صفحو هيٺين ريت ڇپيل آهي جو هوبهو ڏجي ٿو. ياد رکڻ گهرجي ته بي. اي ۾ سنڌي پڙهندڙن ڪان يونيورسٽيءَ جي قاعدن موجب ڪا به گهر ڪا نه ٿيل آهي ته ڪو اوهالنکي پارسي يا عربي پڙهڻي آهي. هن پهرين صفحي ۾ اٽڪل ۵۰ لفظ ڏنل آهن؛ پڙهندڙن کي منهنجو عرض آهي ته هٿ جي آڱرين تي ڳڻيندا رهن ته انهن ۾ سنڌي لفظ به ڪي آهن؟ جي آهن ته گهڻا؟

# ابيات سندي

مصنّف

حضرة سلطان الاولياء خواجه زمان لواري
رحمة الله عليه

شارح

حضرة شيخ شهيد سيد عبدالرحيم مگريو گروهڙي
رحمة الله عليه

مترجم و مُمَهّد

ڊاڪٽر عمر بن محمد داود پوٽو، ايم-اي-پي ايچ-ڊي
سابق مدرس العربيه اسمعيل ڪاليج
جوگيشوري (بمبئي)
حال مدير المعارف العموميه، سند.

---

دفعو پهريون

مؤلف جا سڀ حق واسطا قائم

---

قيمت: سوا رپيو

مطبع ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني
ڪراچي ١٩٣٩ع

ٽئين صفحي ۾ انگريزي لفظ ايم - اي، پي ايڇ - ڊي ۽ پريس جو انگريزي نالو برابر ڏنل آهي، ۽ ”جوگيشوري“ بمبئي ۾ مڪان جو نالو برابر عربيءَ ۾ نه ڏنل آهي، باقي سنڌ جي نه ”ڏ“ کي بہ مثالي عربي ”د“ ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب ٽوهين صفحي ۾ ڄاڻائي ٿو ته ٻاڻ ڪتاب جو ترجمو (مترجم) ڪندڙ آهي ۽ هنجو مهاڳ (مُمَهّد) لکندڙ آهي؛ ۽ اڳيون (سابق)، پاڙهيندڙ (مدرس)، عربي (العربيه) اسمٽيل ڪاليج وارو، ۽ هاڻوڪو (حال)، هلائيندڙ (مديو)، تعليم ڪاتي (المعارف) عام جو (العموميه)، ڊائريڪٽر انسٽرڪشن، پبلڪ سنڌ ۾ (سند).

مصنف (لکندڙ)، شارح (شرح يا ٽيڪا ڪندڙ) مؤلف (گڏ ڪندڙ) لفظ ته يلا نهيا، پر باقي بچو ته ڪتاب ڪٿي ڇپيو؟

ڊاڪٽر صاحب جي عين مهرباني ته اِلهي لاءِ بہ لکيائين ”مطبع“. ڪتاب جي وڏيڪ اندر ڪهڙي بولي ڪم آندل آهي تنهن جو هڪ درسن هن ريت آهي:

بِسْمِکَ يَا فَتَّاحُ

افتتاح

هينئان بنهه ڊاڪٽر دائود پوٽو پنهنجي صحيح ۽ هن ريت ٿو وجهي.

ڪراچي

يوم الجمعة ۱۳ رمضان المبارڪ اضعف العباد

سنه ۱۳۵۸ هجري = عمر بن محمد داود پوٽو

۲۷ آڪٽوبر ۱۹۳۹ مسيحي

يوم الجمعة جي معنيٰ آهي جمع جو ڏينهن، جڏهن ڊاڪٽر دائود پوٽا ”اضعف العباد“ ٻانهن جي ٻانهي ڪتاب لکي پورو ڪيو.

مٿين صورت آهي ٻوليءَ جي ٻاري ۾ اختيار ڪيل. هيٺ وڌيڪ مثال انگن جي ٻاري ۾ ڏنو ٿو وڃي. ”ابيات سندي“ ڪتاب جا بيت ۸۷ صفحن ۾ ڏنل آهن، اهي ۸۷ صفحا لکڻ ۽ انگن ڏيڻ ڪاپيءَ ڊاڪٽر صاحب اٺڪل اوتراٺي صفحا ”افتتاح“ تي لکيا آهن، انهن تي وري انگ هيٺين ريت ڏنل آهن:- و، ز، ح، ط، ي، يا، يب، يج، يد، يه، يو، يز، يح، يط، ک، کا، کب، کج، کد، که، کو، کز، کح، کط، ل، لا، لب، لج، لد، له، لو، لز، لح، لط، م، ما، مب، مج، مد، مه، مو، مز، مح، مط.

پڙهندڙ ٻاڻ پيل رايو لهرائين ته ڪهڙي ڪڙي تي

هاڻ سنڌي اچي ڀهتي آهي.

مولکي پوري ريت معلوم آهي، ته مراد آهي ته سنڌيءَ کي بلڪل عربي جامو پهرايو ويو، تان جو هنجي اصلي صورت بنهه مٽي ويئي، ڇا لپيءَ ۾، ڇا اُچارن ۾، ڇا آلنگن ۾، ڇا ويچار ۾، ڇا ساهت ۾ ۽ ڇا سيپيتا ۾.

نہ منھنجو ڊاڪٽر دائود پوٽي سان ڪو وروڌ آهي، نہ عربيءَ سان؛ منهنجي صرف مراد آهي ته سنڌي پنهنجو سڀاويڪ روپ رکندي اچي؛ آءٌ سنڌي کي ڦيري سنسڪرت ڪرڻ جي به آڏو اچڻ ٿو گهران، جيتوڻيڪ سنڌيءَ جو بنياد آهي سنسڪرتي؛ جنهن بابت هيٺين سند بنهه ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مقدمه لطيفي مان ڏني ٿي وڃي:- ”عام ماڻهن جي دلين تي وهم ويٺل آهي ته سنڌي ٻولي عربي ۽ پارسي مان نڪتل آهي، ڇو ته اڄ ڪلهه عربي پارسي لفظن جو استعمال وڌندڙ آهي؛ ۽ ٻيو ته سنڌي ٻولي عربيءَ صورتخطيءَ ۾ لکڻ ۾ اچي ٿي. پر اهي ٻئي سبب عارضي آهن. درحقيقت، سنڌيءَ جو عربيءَ ۽ فارسيءَ سان بنيادي ناتو اهڙو آهي، جهڙو سنڌيءَ جو چينيءَ ۽ جپانيءَ سان“ (صفحه ١٧٩). ”هڪ وڏو صدمو، جو سنڌيءَ ٻوليءَ کي رسيو آهي سو هيءُ آهي جو ماڻهو انهي اصل ۽ بنياد کان اڻ واقف رهجي ويا

آهن . عربي صورتخطيءَ جي واقفيت ڪري ، شاگردن کي سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين جي تحصيل ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي ؛ ۽ ديوناگري اکرن سکڻ جي خطري کان ، سنسڪرت ٻولي ، جنهن مان اصل سنڌي ٿي نڪتي آهي ، تنهن جو اڀياس ڪيو ٿو وڃي . الهي بيپرواهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي ، جو سنڌيءَ ۾ ڪا به خاطر خواهه ترقي يا سڌارو نه ٿيو آهي ." ( صفحو ١٨٠ )

هي آهي رايو اُن ماڻهوءَ جو جنهنکي خود ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب پنهنجو "محترم اُستاد" ٿو ڄاڻائي.

هاڻ آءٌ ٿو سنڌ ۽ سنڌيءَ جي ڀلي گهرندڙن هندن ۽ مسلمانن کان پڇان ته هي ڪهڙو انصاف آهي ته جا ٻولي نڪتي ئي سنسڪرت مان آهي ، جنهنجو وياڪرڻ اڄ به سنسڪرت کي ٻين هندستان جي ٻولين کان به ويجهي ۾ ويجهو آهي ، جنهن ۾ شبد يا لفظ اڄ به ستره سيڪڙو ته هيٺئين به سنسڪرتي آهن ، تنهن ٻوليءَ کي بنهه عربي جامو پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ، سا به درسي ڪتابن ۾ ؛ ۽ ٻئي طرف اُهي جي ماءُ پيٽان . سنڌي جا شايق ۽ گهڻگهرا آهن ، سي چپ ۾ رهن !

مولکي عربيءَ لاءِ عزت ، مولکي سنسڪرت سان محبت آهي ، پر آءٌ گهران ٿو ته سنڌي پنهنجي روپ

۾ رهي، جو تہ ٻوليءَ سان واسطو آهي. عام خلق جو، جنجي ترقي ٻنهي نابود ٿي ويندي، جي سنڌيءَ کي مٿين ريت نابود ڪيو ويندو.

هن پتري ۾ رڳو هڪ مثال ورتو ويو آهي، ٻه کهڙي ريت سنڌي ساهت (ادب) ۽ سڀيتا (تهذيب) کي ڦيرايو ٿو وڃي ۽ کهڙي ريت سنڌي مڪتبن ۾ اڄ ٽي درسي ڪتاب ڦيرايا ويا آهن سا ڳالهه ٻين پترن ۾ ڏبي. مراد آهي تہ اهو جاڳ پکڙي تہ حقيقت ڇا آهي ۽ ٻئي هندو ۽ مسلمان پاڻ گڏجي سنڌيءَ جي بچاو جو ڪو ڀلو ڪري سگهن.

Printed by Pitamberdas Sahijram
at Bhaibund (Electric) Printing Press Shahi Bazar, Hyd: Sind
and Published by Mr. Jethmal Parsram President,
Sindhi Sahitya Sabha, Hyderabad Sind,